SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر LV مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LV OF 1984

# سنڌ يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE UNIVERSITY OF SINDH (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 36 جي ترميم

Amendment of sections 36 of Sindh Act XXIV of 1972

3. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 40 جي ترميم

Amendment of sections 40 of Sindh Act XXIV of 1972

4. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 52 جي ترميم

Amendment of sections 52 of Sindh Act XXIV of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر LV مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.LV OF 1984

## سنڌ يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE UNIVERSITY OF SINDH (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[12 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽي (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 36 جي ترميم
Amendment of sections 36 of

2. سنڌ يونيورسٽي ايڪٽ، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 36 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو

| | |
|---|---|
| ويندو: "بشرطيڪ جيستائين اپيل ڪندڙ کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نه ٿو ڪيو وڃي، اپيل تي جاري نه ڪيو ويندو". | Sindh Act XXIV of 1972 |
| 3. جاٽايل ايڪٽ جي دفعه 40 ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو: "بشرطيڪ جيستائين اپيل ڪندڙ يا مدعي، جيئن به معاملو هجي، انهن کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نه ٿو ڪيو وڃي، اپيل يا نظرثاني جي سلسلي ۾ ڪو به حڪم جاري نه ڪيو ويندو.". | 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 40 جي ترميم Amendment of sections 40 of Sindh Act XXIV of 1972 |
| 4. جاٽايل ايڪٽ جي دفعه 52 ۾، لفظ "ڪيل" ۽ لفظ "هيٺان" وچ ۾ لفظ "سني نيت سان" شامل ڪيا ويندا. | 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعه 52 جي ترميم Amendment of sections 52 of Sindh Act XXIV of 1972 |

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**